

پاڻ ڀي عالمي سال جي سلسلي ۾

بارڻ جو شاعري جو مجموعو

چند پسند ڪوڪو

ادل سومرو



سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن سکر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چپائيءَ جا سڀيئي حق شاعر وٽ محفوظ

چند پشم گولو (پارڙن لاءِ شاعري)

شاعر : ادل سومرو

چاپو : پهريون سال ۱۹۷۹ء

چپائيندڙ : رشيد ڀٽي ، صدر سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن سکر

چپيندڙ: سنڌ پرنٽنگ ايند پبلشنگ هائوس گاڏي کاتو حيدرآباد
صرف ڪاپي صفحو پرنٽ ڪيو

ڪائيندڙ ڊزائن ۽ اسڪيچ: قيس عالم ابڙو

ڪئليگرافي: خدابخش ابڙو

CHAND PASHAM GOLO (children's Poetry)

LANGUAGE : Sindhi

POET : Adal Soomro

EDITION: First year : 1979

PUBLISHER: Rashid Bhatti President , Sindh Graduates Association Sukkur Branch

PRINTER : Sind Printing and Publishing House Gadi Khata Hyderabad

COVER DESIGN AND SKETCHES : Qais Alam Abro

CALIGRAPHY : Khuda Bux Abro

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ تارو ڪنڌ قلو

- ناشر پاران - رشيد پيٽي
- سوچ سجاڳ (مهاڳ) استاد بخاري
- سائين جي سرڪار
- انٽر منٽر جادو جنتر
- مامي ملوڪ جي شادي
- منهنجي لغڙي
- نئين دور جي نئين جدول
- شهيد وطن
- نياڻيون نمائيون
- ڪوهيڙ جي محنت کي سلام
- لولي
- اُن ماما گوگڙو
- ٻڌو گڏوڳ جوان گڏي
- واهڙي چنڊ گول چنڊ
- مستقبل جا مالڪ
- چنڊ چور مور
- مندون
- هٽ هٽ هوندا قلم ڪتاب
- چنڊ ماما ڪوڪ
- ڳيري جي ڳالهه
- نانيءَ مانيءَ مار
- ننگر جا جذبا
- منڙو مور پکي
- چنڊ پشم گولو
- ڦوڪٽا ادا ٽا
- ڪينجهر جو راڻو
- شعر ۽ جاگرافي
- جهٽ پٽ ۽ ڀر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڻ پاران

گڏيل قومن پاران ۱۹۷۹ جو سال "ٻار جو بين الاقوامي سال" طور ملهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ان ڪري ساري دنيا ۾ هن سال ٻارڙن بابت هرملڪ ۾ خاص پروگرام مرتب ڪيا ويا آهن، جن ۾ ٻارن جا ميلا، ٻارن جي ڪتابن جون نمائشون ۽ اشاعت، ذهني ۽ معلوماتي مقابلا، راندين جا مقابلا ۽ ريڊيو ۽ ٽي وي ۽ جا خاص پروگرام شامل آهن.

اسان جي ملڪ ۾ به هي ۽ سال ٻارن جو عالمي سال ڪري ملهايو پيو وڃي، جنهن لاءِ ڪيئي پروگرام سرڪار جي تعاون ۽ نيسڪو جي امداد سان مرتب ڪري پيش ڪيا ويا آهن ۽ ڪيا پيا وڃن، پر اسان جي سنڌ ٻار لاءِ خاص ڪا دلچسپي نه ڏيکاري وئي آهي ۽ ان ڏس ۾ به ڪامورا شاهي روايتي بخل ۽ بيائي ۽ ڪان ڪم ورتو آهي.

ڪن نجي ۽ نيم سرڪاري ادارن البت ان ڏس ۾ ڪجهه عملي قدم کنيا آهن، جن مان سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن سڀ کان سرس ۽ اڳيان آهي. هن سماجي جماعت جي پروگرام ۽ ۾ ٻين پروگرامن سان گڏ ڪتابن جي اشاعت به اچي وڃي ٿي. ادل سومري جو هي ڪتاب به ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي.

ادل سومرو سنڌ جو ڇٽل سڃاتل شاعر آهي، ادبي سرگرمين ۾ گڏوگڏ هن ايسوسيئيشن جي سڪر شاخ ۾ به سندس قيام کان وئي سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار طور ڪم ڪري رهيو آهي. سندس ٻارن ۾ به اوتري ئي مقبول ۽ معروف آهي جيترو وڏن ۾. سندس ٻارائي شاعري ۽ جو هي مجموعو "روز ڏڻن راڀيل" اڳ شايع ٿي چڪو آهي. سندس شاعري جي ڪهڙي مشق شاعر استاد بخاري صاحب جو تعارف ئي ڪافي آهي، هن ڪتاب جو مهاڪ آهي.

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن سڪر شاخ کي فخر آهي، جو پنهنجي هڪ ڪارڪن جو ڪتاب هن موقعي تي، ٻارن جي سال جي سلسلي ۾ شايع ڪري رهي آهي. مون کي اميد آهي ته نرگو هي ڪتاب عالمي جي پروگرام ۾ نمايان جڳهه والاريندو، پر سنڌ جي معصوم ٻارڙن ۾ مقبول ٿيندو.

رشيد ڀٽي
صدر
سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن

بٿريج روڊ
سڪر سنڌ
۱۲-۹-۱۹۷۹ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچ سجاگ (مهاڳ)

" هوشيار هاري پنهنجي پوک جي سلي سلي تي ساهه ڏيندو آهي - مٽ اٽس ته اهي ڪچڙا سلڙا ، سنڊس فصل جو حاصل ٿيندا . عقلمند آرائين باغ جي پلائيءَ لاءِ ، بجن ، چڪين ۽ ٻوٽن جي چڪاس توڙي سنيال ڏاڍي چاهه ۽ چستي سان ڪندو آهي . "

هار - قوم جو بنياد آهي . هاراڻو ادب ، قومي ادب جي پيڙهه سمجهڻ گهرجي. هن سلسلي ۾ ، پنهنجي ٻوليءَ ۾ هاراڻو نظماڻو ادب ڇڻو ڇوڪو موجود آهي ، پر ڇڙو ڇڙ ٽيو ٻيو آهي : اخبارن ، رسالن ۽ نصابن جي ڪتابن ۾ . ايڏڙ ٻيڪڙ ڪتابڙا نڪتا آهن ته اهي وري ڇپائيءَ جي لحاظ کان صفا چوڙا ڇنا .

اسانجي دور کان ٿورو اڳيرو ، محمد صديق مسافر ، قليچ بيگ ، هوند راج دکايل ، ڪشنچند ، حڪيم سيوهاڻي ، جمع خان غريب ، فدا عرساڻي ، حافظ احسن ۽ ڪن ٻين شاعرن جا هارن لاءِ بيت ۽ نظم ملن ٿا . جن مان ڪي ته پنهنجو مٽ پاڻ (شاهڪار) آهن .

انڪانپوءِ ، هاراڻي ، نظماڻي ادب تي ٿوري ماڻار ڏسجي ٿي . ويجهڙائي ۾ وري لهر اٿي آهي ۽ ان وقت جي گهر جو نتيجو ۽ قومي جاڳرتا جو هڪڙو نشان آهي . هن وقت آصف مصراڻي ، برڪو سنڌي ، سليم ڪڙهوي ، نادر بچل شاهي ، نثار بزمي ، سومن مرزا ، اياز گل ، ادل سومرو ، امداد حسيني استاد بخاري ۽ ٻيا ڪيترائي شاعر ۽ شاعراڻون ، هارن لاءِ گيت لکن پيا. افسوس جو انهيءَ هوندي به آئيندي جي ابن لاءِ سٽن ، سلجهيل ۽ ڪارائتن ڪتابن جي گهٽي گهڻ ڏئي آهي .

سال ۱۹۷۹ ع کي سچي دنيا ۾ هارن جو سال قرار ڏنو ويو آهي . هن سال ادل جهڙو حساس شاعر ، پنهنجي قوم جي نهالن کي هڪڙي سوڪڙي پيش ڪري سگهي ٿو ؟

پنهنجي هاراڻن ٻولن جو گلدستو ، " چنڊ ، پشم گولو " .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ادل سومرو -

نوجوان اپرندڙ شاعر آهي . اهو اندازو نہ آهي تہ هو ڪٿي پهچندو . ڇو تہ اهو فيصلو وقت ۽ تاريخ ڪي ڪرڻو آهي . مونکي اهو ڇوٽو آهي تہ هڪ درد مند شاعر وانگر ، هن وٽ ٻہ ڏڙڪندڙ دل ، سوچيندڙ ذهن ۽ ڏور ڏسندڙ نگاهون آهن . پيار - پتوڑ ۽ پين ، هن جا ٻہ هٿيار آهن . هو پارن ڪي پڙهائي ٿو . پاڻ پڙهي ٿو ۽ ڪڙهي ٿو : دنيا ۾ ٿيندڙ بي انصافين تي ظالم جي ظلمن ۽ مظلوم جي مجبورين تي . اهو آڳ متاڻس مڙهيان ڪونہ ٿو ، پر اهڙا اهڃاڻ سندس شاعريءَ ۾ ڏسي سگهجن ٿا .

ادل ، ننڍي لاءِ ڪان لکي پيو ، جواني ۾ ئي جاکوڙ ڪري اڳتي وڌي آيو آهي . اڃا هڪي اڳتي - گهڻو اڳتي ، وڌڻو آهي . هر ليکڪ مثال اها گهاڙهہ ، ادل پاڻ ٻہ ٻاسيندو تہ اڳين لکڻين کان نيون شيون وڌيڪ چٽيون پکيون ۽ ڪارائيون ٿيندڙيون رهن ٿيون . سچ پچو تہ اهو سلسلو سدائين رهندو - سرت پريو مطالعو - اونهو مشاهدو ، تکو تجربو ۽ جوان جذبو ، هميشہ ڪلا کي جلا بخشيندا رهن ٿا .

ڪنهن ڪتاب ، فن پاري يا ڪارنامي تي نظر وجهڻ جا هي ٻہ طريقا عام هوندا آهن . هڪ اهو تہ منجهس اڃان ڇا ڇا ڪجهہ گهڻو هو ! اهو اهڙو نمونو آهي جو مونالزا جي مرڪ ۽ تاج محل جي جوڙ ڪ تي ٻہ رٽون ڏئي سگهجن ٿيون . منهنجي خيال ۾ اهو ڪم " فل ٽائيم " نقادن جي حوالي هئڻ گهرجي . اسان پارو شاعر ، ڪنهن شاعر دوست سان اهڙي خيالن جي ڏي وٺ روبرو ڪري سگهي ٿو .

پيو پاسو اهو هوندو آهي تہ ڏنل " وٽ " ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون خوبيون ۽ ڪم جوڻ ڳالهيون آهن . ادل سومري جي هن پاراٽن ٻولن جي ڪتاب " چنڊ ، پٿر گولو " ۾ اسانکي ڏسڻ ۾ اينڊو :

هن جوان همت ڪري ، سنڌي پاڪن لاءِ ، هي پيو نمبر ڪتاب ساهت ڪيترن ۾ لاڙو آهي. هوڏانهن چڱا چوڪا شاعر چمار ۾ ڪو ڪتاب ڏئي نہ سگهيا . سنڌن شاعري يا پاڻ تائين يا اوڏهيءَ تائين .

ادل ، استاد هوندي ٻہ پارڻن جي سطح تي لهي ، سوچي ٿو ۽ لکي ٿو . پاراٽي سياڻ ۾ ايترو تہ سمائجي ٿو لکي جو گمان ٿو گذري تہ ڪٿي هي انهيءَ وهڪ ۾ وهي تہ نہ ويندو !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڪرا اچن ٿا - نانيءَ کان پڇن ٿا
ڪٽ هيٺان مونکي - ٻاهر چڪن ٿا
ڏنگو ٿالي - ڪٽي هلن ٿا .
ڏسو ادو ڪٽي وڃي ڦهتو آهي !

ٻار ، — ماءُ پيءُ ۽ مائٽن جي پيار کان ڌار ٿي نه ٿو سگهي . شاعر ڪنهن نه ڪنهن نموني ، انهن رشتن کي ور ڀائيندو رهي ٿو. ڪتاب جا اڳ کان وڌيڪ صفحا ان جي ساک ڏيندا .

راند روند ، ڪلَ خوشي ، ٻڌن جو ڪاڄ آهي . ڪتاب ۾ ڪي شيون مزي ۽ وندر لاءِ ڏنل آهن . اهو به معجيل آهي ته جيڪي سڄ ، وڏن جي ادب ۽ سنجيدگيءَ ۾ ڪلهه ڪلا نه چئي سگهيا آهن . سي ٻارائن ٻولن ۽ مزاح ۾ سڏا سنوان ڦڪائي سگهجن ٿا . هن ڪتاب ۾ ڪيترن حالن تي ، بنا رک رکاءَ ۽ شاعراڻيءَ لڪَ ڇپ ۾ ساڃيان کان ڪم ورتو ويو آهي.

نظمن جا وزن نديڙن جي پسند ۽ سندي ٻوليءَ جي سياڻ وٺان آهن . جڏهن شهيدِ وطن جي "ڪالهه" ٻڌائي گهري ٿو ، تڏهن قصن ۽ ڪهاڻين وارو وزن استعمال ڪري ٿو . پر ان جي پيچيدگين ۾ اڃا نٿو . مطلب ۽ مقصد ڏانهن وڌي ٿو . ٻارائن ٻولن ۾ ان ڪري جو لحاظ گهٽو رکيو ويو آهي ، جنهن ۾ هُن ٻرن کي چوندو ٻدو آهي . اهڙيءَ طرح ڪافيا ۽ سنڌس مرضيءَ تي هلن ۽ ٺهجن ٿا . ڏاڍ ڪري وهکرو رکڻي نه ٿو

هن وٽ موضوعن جي ڪوٽ ناهي . " مستقبل ۾ ماڻهو " ڪان وڌي " آءُ ماما ڪوڪڙو " ڏانهن ٽيڙ ٽيڙ ڪاوڙون آهن .

— ڪاڻيون ڪماڻيون
— انڌو ميرُ جادو جنتر
— نڪي ڏور جي نڪي ڏڪوار
— ٻيو ڪڏو ۽ وان ڪڏي

سڀني نيون ۽ نراليون ڪوششون آهن .

ڪي گيت ، نظم ۽ نظماڻيون ڪهاڻيون ، نندن سان ڪڏ ، وڏن جي به پڙهڻ وٺان آهن .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— مستقبل جا مالڪ

— شهيدِ وطن

— هٿ هٿ هوندا قلم ڪتاب

— ننگر جا جذبا

— لولي

اهي عالمي پائيپي ، قومي جذبي ۽ آئيندي جي سهاڻن سڀن جا سنيها آهن .

ڪتاب پر ڪر آندل بولي ، شهريءَ کان وڌيڪ واهڻائي ، بازاريءَ کان زياده گهريلو ، انوکي ۽ اڻانگيءَ بدران عوامي آهي . پر لفظن جو صحيح ڪٿن صحيح استعمال ، مطلب آهي ، بلڪل پورو ڪيندڙ ۽ چونڊ استعمال . جو شاعريءَ جي وڏن خوبين مان هڪ آهي . ان جي مهارت لاءِ گهري مطالعي ۽ نڪي تجربي جي ضرورت آهي .

سندس شاعريءَ جي تاجي،سائيهجي سڪ،پيتو سچائي ۽ سادگي آهي. ڀلي بول ٻولائڻ ۾ ڪجن ، پر اهي ڳالهيون جيئي ڪتي مهلڪا ڏيندين نظر اچ ڏينون

آخر ۾

اڄل جي (ٻولائڻ بولن) ڪلياڻيءَ جو اندازو ان مان ڪري سگهجي ٿو ته **روز ڪڙن رابيل** ۽ هي مجموعو **" چنڊ ، پشم گولو "** هڪ ٻيرا پڙهڻ سان اهو وهم ويهڻ شروع ٿي ٿو ته هن بولن جو لکندڙ پاڻ ٻه ڪو ٻار آهي ، جي وڏو آهي ته هن ٻنهنجي وڏائي ، ننڍين لاءِ وقف ڪري ڇڏي آهي .

ڪتاب اڪيان آهي .

وڏن کي ويتي : ننڍڙا ڏي ٻوءِ پڙهن .

ننڍين کي صلاح : مزي موج ۽ سوچ سان پڙهن.

اُستاد بخاري

غريب آباد ـ ڏاڏو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



هر سال ٻه ڪروڙ پار

بيمارين سبب مرندڙ آهن

ڪراچي ۱۷- (اسپيڪ) سڄي دنيا ۾ پنجين سالن کان گهٽ عمر جا اٽڪل ڏيڍ ڪروڙ ٻار هر سال بيمارين ۽ سوري وينda آهن ۽ انهن جو ۹۰ سيڪڙو سوت پاڪستان جهڙي ترقي پذير ملڪن ۽ ٽيندو آهي. اهڙو انڪشاف پروفيسر اي غفار بلوچ اڄ ٻارن جي بين الاقوامي سال جي موقعي تي روغذا ۽ ٻارن جي صحت بي موضوع تي ڳالهائيندي ڪيو.

آسُ

سڄي دنيا جي
الهڙ ڏڪريل
معصوم ٻارن جي نالي
جيڪي ڏيهاڙي
بک ۽ بيمارين وڳهي
مون جو شڪاري وين ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



Printing Consultants:
AAGAM PUBLISHING AGENCY
HYDERABAD (IND)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سائين جي سرڪار



سائين جي سرڪار عجب آ
جنهنجو هر اسرار عجب آ.

گل ڦل جي رنگ ڏنو ڪنهن!
موتئي جي مهڪار عجب آ.

ننڍڙي ننهنجي لات پکين جي
ڪوئل جي ڪوڪار عجب آ.

اڇا، ڪورا، ڪارا بادل
ٽوٽل جي ڪِڪار عجب آ.

جهنگ جبل درياءَ اُن جا
وڻ وڻ جي وڻڪار عجب آ.

جيون جي جوهنوارن ۾
فطرت جو سهڪار عجب آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انترمنتر جادو جنتر



انتر منتر جادو جنتر
جمعي ڪُجاڻان ايندو چنچر.

بابو ايندو چنچرَ تي
گھمڻ هلبو منچرَ تي.

منچر جي مڇي مشهور
کائيندا سون ادا ضرور.

مڇيءَ جي پيٽ ۾ هوندي آني
جيئي جيئي منهنجي نانيءَ.

مڇيءَ ۾ هوندا ڏاڍا ڪنڊا
ديس جا دشمن ٿيندا منڊا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتر منتر جادو جنتر
منهنجي اڏڻي هگڙو ڪر ڪر.

امان جي ناهي هاڻي جواني
کين پچائي سگهيٽي ماني.

اچو اٽي کي چاڻيءَ چاڻيون
اٽو گوهي دانگي آڻيون

جڏهن دانگيءَ تي لوليون پچنديون
نندڙيون وڏڙيون ايندڙيون پچنديون.

لوليون کائي کنديون دعائون
خوش ٿيندا سون تون ۽ آئون.

انتر منتر جادو جنتر
کنهن ڪيو آ، ايڏو ڏمچر.

گوڙ ڪرڻ سان پڙهي نه سگهبو
علم جي اُبَ تي چڙهي نه سگهبو.

جڏهن ڪٽي ڪتاب کي پڙهجي
ڏيان سمورو ان ۾ ڏجي.

جيڪي بالڪ ڏيانَ سان پڙهندا
سيئي پهريان نمبرَ ڪٽندا.

اچو صبر سان سبق پڙهون
سبق پڙهي پوءِ راند رهون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مامي ملوڪ جي شادي



الهَ يارَ مگسٿار

گوٺ سڄي ۾ ڪئي مَنادي
مامي ملوڪ جي آهي شادي.
مامي جي شاديءَ جو
سيني کي سَڏُ هو.
گوٺ جو هر نينگرُ
پيءُ سان گڏ هو.

شاديءَ جي ڏينهن تي
ديگِ هڪڙي دَمَ تي.
مامي جي شادي جَڻ
پڏائيءَ جو ميڙو
ماڻهُن جو ٽي ٻيو
پَتَ تي جهيڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مامي جي ڪُنوارِ ڳاڑهو
ڪپڙا پاتا.
زالن نچندي
ڳيچ ٿي ڳاتا:
"ڪنن ڪان ٻوڙو
اڪِ ڪان ڪاڻو
مامو مَلوڪ پنهنجو
راڄن جو راڻو."



وندَ ضرب ڪَتَ جوڙَ
مامي ملوڪ ٻَڌا
ڳاڑهو ڳاڑهو موڙَ.
موڙ ٻڌي مامو
گهوڙيءَ تي ويٺو.
گهوڙي هُئي مندي
مامي جي ڪُنوارِ ڪندي.

ڪندي ڪنوار
ڪاڻو گهوٽُ.
سيني سِڪا گهوريا
ڪنهن نہ گهوريو نوٽُ.
مامي ملوڪ جي
شاديءَ ۾ ڦڙڦوٽُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي لغڙي



ايَر ۾ اُڏري منهنجي لغڙي
تيز هوا ۾ ڏاڍي سُڪڙي

مون آ پکو مانجهو اڻيو
تنهنجي ڏوري آهي ڪچڙي

اڇو پياهن پيچَ بنهي جا
ويون آهن ٻئي پاڻ ۾ جڪڙي

تنهنجي لغڙي جاڻ ٽي ڏيئن
باقي آهي ٽوري جهڙي

ڪاڻا ٽي وڃي تنهنجي لغڙي
پُنهلَ وڃي جا پريان پڪڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئين دور جي نئين جدول

هڪ سيٽ برابر هڪ ڪاريهر
سڀ جبل برابر هڪ ڪارونجهر

پر ڪُڙتا برابر هڪ پهراڻ
سڀ درياهُ برابر هڪ مهراڻ

هي ٻيٽ برابر هڪ واڱي
سڀ شاعر برابر هڪ پٽائي

چار آنا برابر هڪ پاءُ
سڄي سِڪو برابر هڪ ماءُ

پنج گهُڪهيون برابر هڪ منڪو
سڀ ٽوپيون برابر هڪ پنڪو

ڇهه جِهڙڪ برابر هڪ ڪيرو
سڀ ڪوڙَ برابر هڪ وڏيرو

ست رڪشا برابر هڪ لاري
سڀ سڄَ برابر هڪ هاري

سڀ موت برابر هڪ جنڊُ
سڄي دنيا برابر هڪ سنڊُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهيد وطن

بُڌايان اوهان کي ٻڌو پيارا ٻارو
هيو هڪڙو سهڻو سنڌوءَ جو ستارو.
هي، گاڙهه ٻارو پُراڻي کا ناهي
کوڙي ۽ جڙتو کهاڻي کا ناهي.
جيڏي آهي اَجرڪ جي قُلڙي اڇي
تيڏي تنهنکي سڪ هئي سنڌوءَ سان سچي.
لکڻ ۽ پڙهڻ جو هو شوقين هو
طبيعت جو مائو ۽ مسڪين هو.
هر ڪنهن جي هن سان محبت هئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر جاءِ تي هن جي عزت هئي.
ڏکن ۾ غريبن جو غمخوار هو
وطن جي محبت سان سرشار هو.
هڪ ڏينهن هزارن هڇارن جي وچ
ڌرتيءَ جي ويرين مَکارن جي وچ.
لهوءَ سان سچو ويو هو سينگارجي
پنهنجي وطن تان ويو وارجي.
پنهنجو رَتُ ڏيئي هو پاري ويو مشعل
هزارن دلين ۾ مچائي جنهن هلچل.
قاتل انهيءَ جا جيسيتائين جيئندا
پنهنجي مُنهن تي پيا دانگي ملیندا.
ٻڌو تنهنجو نالو پاروا! غور سان
هڪو گڏجي نعرو وڏي شور سان.
شهيدِ وطن آ سو عبدالرزاق
آهي جنهنجو هرڪنهن کي ڏاڍو فراق.
هو ڌرتيءَ جي عظمت جو ٿي ويو نشان
ابوءِ امڙ تنهنجا آهن مهان.
ڌرتيءَ جي خاطر جيڪي مرن ٿا
سدا ۾ سدائين هو زنده رهن ٿا.
جيسيتائين سنڌو پيو تار رهندو
جيسيتائين زاقن سدا يار رهندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نياڻيون نمايون



او مڙي مارڳي
چاچن مامن واري.
چو تون اُداس آن؟
چو تون نِراس آن؟
هل تہ هلئون گھمڻ
بچل شاهہ جا پتڻ
وڃ هِي رابيلَ تون
ڪيڏ هاراڏا ڪيلَ تون
مُرڳي مُرڳي مارڳي جيءَ
جيئي ٽنهنجو مڙن پيءُ.

او نجم راڻي!
رب توسان ساڻي.
خوش ڪر دل تون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کل گھٹو کل تون.
وٺ هيءَ ٽافي
تنهنجو پيءُ صحافي
نالو جنهن جو شفن
گهمڻ ويندو لندن.

او آسيم پياري!
پکن پاڻ واري.
گالهه صاف ظاهر
تنهنجو پيءُ شاعر.
سانول جنهن جو نالو
سدا اکين آلو.
ترندو مونجهارو
نيٺ تنهنجي پيءُ جو
ورندو وارو.

او نندڙي باگهل!
چو آهين ويا کل؟
چو تون دکي آن؟
تون ته خوشين جو
پيارو پکي آن.
بولِ هاتا بولِ تون
چُپ پنهنجا کولِ نون
تنهنجو پيءُ ليڪ
امر رهندو بيشڪ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کوريءَ جي محنت کي سلام

سُٽ اُٽي ٿو ۽ ريشم
ڏسو کوريءَ جو ڪم اُتم.

ڇڻ نہ سکيو، ڳڏيءُ ٿو ڇاڻي
سَڪَ سَڄيءَ جي ريٽ سَجاڻي.
آڏاڻي ۾ اُٽي محنت
نفرت ناءُ ڪري ختم.
ڏسو کوريءَ جو ڪم اُتم.

ڏي مَٽان جيئن سُٽ وريل آ
کوري ڪَرتي ٽِيئن هويل آ.
محنت سان ڳي مُرڪون ملنديون
منجي ويندو غم وهم.
ڏسو کوريءَ جو ڪم اُتم

رنديا روڙي مُڄي شام
کوريءَ جي محنت کي سلام.
جي نہ هُجي ها کوري جڳ ۾
انگ اُگهاڙو هُجي آدم.
ڏسو کوريءَ جو ڪم اُتم
سٽ اُٽي ٿو ۽ ريشم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لـَـولِـيْ

منهنجا لال!
هزارين سال
شالَ جواني ماڻين.

ڏرتيءَ ناتا سچا آهن
پيا سپ ناتا ڪچا آهن
لکين هزارين ڀڃا! آهن
پُون، مُيءَ جا توتي پال.

منهنجا لال
هزارين سال
شالَ جواني ماڻين.

جڏهن تون ٽيندين مڙس مٿارو
لوڪ پيو ڪَنبندو توکان سارو
ڏاڏن کي تون ڪندين ڏَارو
هر هيڏي جي ٽيندين ڏال.

منهنجا لال!
هزارين سال
شالَ جواني ماڻين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُنَ ماما گوگڑو

اُنَ ماما گوگڑو
سائو لکڻُ پٽي ڏي
ماکي مکڻُ چٽي ڏي.

اُنَ ماما گوگڑو!
منهنجو بابا کاٽي؟
سيٽِ جي مل تي.
بابو هڏَ هڻي
سيٽ نوت ڳڻي.
بابو ڏاڏو ٽوچي
مانيءَ ڳيي لهِ
پوءِ ٻه سوچي.
سيٽِ ڪجهه نه ڪري
ويٺو پِيُ پري.
سيٽ ڏنو سِيٽَ مان
ملِ کي تالو
مزدورن ٻه
آيو اُجالو.

جڏهن رات جو
هِڪ وَڳو.
سيني گڏجي
تالو پڳو.
نانيءَ جي گهر ٻه
مکڻَ جي ماڻِي
اوچتو سيٽِ جو
پِيُ پيو قاڻي.

اُنَ ماما گوگڑو!
منهنجا ماما کاٽي؟
خانَ جي ونگارَ تي.
پئسي جو پوٽو
خان آهي کوٽو.
مولا جي مالَ تي
خانَ ڪئي آکڙ
پوکَ کاڏسِ ماکڙ.
اچِ پکين جُون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنڊَ تي ٽوليون.
راتِ ماءُ ڏنيون
چنڊَ کي لوليون
هارينِ هنيون گڏجي
خانَ کي گوليون.
خان مُئو
سڪ ٽيو.

اُٺ ماما گوگڙو!
سائو لڪ پٽي ڏي
لڪ هٿان سيٺِ کي
لڪ هٿان خانَ کي.
سيٺ جو پيُ قاٽو
خان جو پگهو ڳاٽو.
اچو خوشيءَ مان گڏجي ڳايُون
هن ڏرتيءَ جا مالِڪ آهيُون
اچو خُوشيءَ مان
گڏجي ڳايُون
هن ڏرتيءَ جا
مالڪ آهيون
ڏوهَ سمورا

ڏاهي ڄاڻون
ديسُ سمورو
ڄاهي ڄاڻون.

اُٺ ماما گوگڙو
سائو لڪ پٽي ڏي
ماڪي مڪڻ ڇٽي ڏي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بدو گڏو جوان گڏي



گڏي گڏيءَ جي ٿيندي شادي
دادا سان گڏ ايندي دادي.

شاديءَ ۾ شرنايون وڄنديون
پاڙي واريون ايندون پڄنديون
گهورون پونديون مينديون لڳنديون
سنڈ سڄيءَ مان ٽوليون هلنديون
سکر وارا سهڪي پڄندا
ڪندا ايندا حيدرآبادي

گڏي گڏيءَ جي ٿيندي شادي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com


گڏو گڏيءَ کي سکيو رکندو
جيئن هوءَ چوندس تيئن هو ڪندو
ڪين گڏيءَ جي آڏو ڪُڇندو
هر دم رهندو حُڪم جو بندو
ڪيس پاراڳيندو پَٽَ پَٽهير
پاڻ پوشاڪَ ڏيکيندو سادي
گُڏي گُڏيءَ جي ٿيندي شادي

گڏي ويچاري ننڍي نيٺي
وار سُونهري رنگ سليٺي
گڏو آهي پرَ جهُور ڪراڙو
ڪَڪِ آ جنهن مان اوڙو پاڙو
ڪنگهه ۾ ورتل حقي جو عادي
ڪيئن ٿيو ٿيندي اهڙي شادي!
ٻڏو ڙي پينر هيءَ منادي
ٻڌي گڏي جي، جوان گڏي سان
ڪڏهن نہ ٿيندي ڪائي شادي

گڏي گڏيءَ جي ڪين ٿي شادي
نہ آيو دادا، نہ آئي دادي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واهڙي چندر گول چندر



واهڙي چندر گول چندر!
ڪاري رات ۾ تنهنجا منڌ.

تارن ۾ ڪا لاٽ نه آهي
روشن ڪائي واٽ نه آهي.
تنهنجي دم سان دور انڌيرو
پاريهر جو پسجي پيرو.
ناهي اسانجي گوٺ ۾ بجلي
رکي اسان واڻن تي صندلي.
جوت تنهنجي ۾ سبق پڙهون ٿا
سبق پڙهي پوء راند رهون ٿا.
ڪيڏا اسان تي تنهنجا پال
چندر سڏائين ڇهڪين شال.
۽ ٻڌ گوٺ سڄي جون مايون
غُربت منجهه هن جيڪي چايون.
چانڊوڪي ۾ پيهن چندر.

واهڙي چندر گول چندر
ڪاري رات ۾ تنهنجا منڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُستقبل جا مالِڪ

انسانيت جو آهي نعرو
دنيا جو هر هار آ پيارو.

رُوحَ سچن جا پورا آهن
ظاهر پل کو، ڪوجهو ڪارو.

پالڪ جي هر مَرڪ جي آڏو
شرمائي ٿو اُڀَ تي تارو.

هار سُڪن جي آهي نشاني
آهي ڏکن جو، تنهن سان تارو
پينگهه ۾ پُڙو، ماءُ ٻُري ٿي
لولين جو آهي وسڪارو.

مُستقبل جا مالڪ پارَ
ديس کي ٿيندو تن جو سهارو.

هن ڌرتيءَ جو هرڪو پالڪ
سُٽن سهڻن ليڀن وارو.

ويندو بدلجي نيٺ سماج
وڪ وڏايو اڳتي پارو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ چور



ابو منهنجو پيارو
اچي ڀڳو وارو.
امڙ منهنجي اهڙي
مٺي مائي، جهڙي.
ٻيٽ منهنجي جاڙي
ٻولي جنهنجي لاڙي
ڳاڙهي اسانجي ماڙي.

ماڙيءَ مٿان موڙ
ماڙيءَ ۾ چورَ
کات هٽن ٽا.
گهرَ جي ساري
مڊ ڪٽن ٽا.
چوڏهين، چانڊاڻ ۾
نانگُ نور پاڻ ۾
ويڙهه وڙهن ٽا.
نانگُ مٿو نورَ کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ابو ڏنو چورَ کان.

ماڙيءَ مٿان جھڙ
ماڙيءَ ۾ لُڙ.
هر ڪنهن واتِ واڻي
عيدَ آئي، عيد آئي.
امڙ چيو: چندُ آهي
ابي چيو: چندُ ناهي.
ڪين ٿي عيد
ڪين ڏٺو چندُ
امڙ مُنيءَ تي
ڏھ آنا ڏنڊُ.

ماڙيءَ مَٿان تارا
خوش ٿيا گھر جا
پاتي سارا.
ڪالیجي امتحانَ ۾
پيڙ ٿي مُنھنجي،
پھريون نمبر پاس.
ابي چيو: شاباس
امڙ چيو: شاباس.
پيڙ جون سرتيون
ڪاڙڻ مٺائي
گھر اسان جي آيُون
واڌايون واڌايُون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مندوڙا

نندڙا نينگر دل ڏي سار،
سال ۾ مندون آهن چار.

پهرين مُندَ جو نانءُ سيارو
جنهن ۾ ٽڏ کان جمي ٿو پارو
ان ۾ اوني ويس ڪجي ٿو
چادر بدران ڪيس ڪجي ٿو.
اميرن جو وري ٿو وارو
مسڪينن ۾ وڏي مُونجهارو.
چوي غريب ٻڌو ٿ هار
والي واحد ٽڏ ڪي ٽار.
سالَ ۾ مُندون آهن چار

ڄاڻي سيارو اڇي بهار
هن مند سان هر ڪنهن جو پيار.
جنهن ۾ چوڏس ٽڏي گلزار
مُندَ انهيءَ ۾ گل ڦٽن تا
پيلا پن سڀ ساوا ٿين تا
پکي پکڙَ پڙ جاوا ڪن تا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر ڪنهن ماڻهوءَ خُوب وڻن ٿا
ٽڏڙين هيرن جي هيڪار.
سال ۾ مندون آهن چار.

بهار پويان اچي اُونهارو
جيڪو غريبن کي آ پيارو
اونهاري ۾ گرمي جام
ڪُتِ ءَ ڪرڙو مڇر مُدام
ڏينهن تتي ۾ لُوڪون لڳن ٿيون
ڪريون پرچي پرچي اچن ٿيون
ڪِنوڙيون ڏاڍا ڪن ڪجڪارَ

سال ۾ مندون آهن چارُ.
اونهاري پويان سرءُ اچي
جنهن ۾ نه ڪوئي رنگُ رچي
پن وڻن جا سڪي وڃن ٿا
واءُ لڳڻ سان ڇڏي پون ٿا.
پکي پکڙ ۾ رهن اداس
هيءَ مند ڪنهنکي اچي نه راس
سرءُ کان سيڪو ٿئي بيزار.

سال ۾ مندون آهن چار
نندڙا نينگر دل تي سار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿ هٿ هوندا قلم ڪتاب



پنهنجو پاڻ پلارو ٿيندو
هر ڪو علم وارو ٿيندو.

هٿ هٿ هوندا قلم ڪتاب
سارو ڏور انڌارو ٿيندو.

واهڙ واهڙ لاڻون پرنديون
هر ڪو بالڪ تارو ٿيندو.

هر هر پنهنجو گهر هر پنهنجو
پنهنجو ٻني پارو ٿيندو.

علم پڙهڻ سان، هنر سکڻ سان
سارو سات سوپارو ٿيندو.

علم تہ بطبو حق جو حامي
ڏاڍ سموري ڏارو ٿيندو.

جيڪو پڙهندو اُن جي آڏو
لوڪ سلامي سارو ٿيندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



چندُ ماما ڪوڪ

چندُ ماما ڪوڪ
مُنهنجو بابا گُڏ لڪ.

هٿَ ۾ بِڳهي لٺ
ڏاڏا بابا ڏڪ ڏڪ.

اسڪول ڏانهن ويندي
دلِ ڪري ڏڪ ڏڪ.

مزو آهي ماڻِ ۾
سُٽي ناهي بڪ بڪ.

محنت جي دَر تي
ڪاميابيءَ جي ٽڪ ٽڪ.

پٽر هنيم گلر ڪي
ڪَتي پاڻو مونکي چڪ.

شرارتي چوڪر مان
سارو پاڙو آهي ڪڪ.

سنهو چوڪر سيپڪ
موٽو چوڪر موڙڪ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



هڪڙي گهاٽي وڻَ تي ڳيرو
جوڙيون ويٺو هو آکيرو
چُهنبَ سڏائين پنهنجي ڪولي
پيارَ امن جون پوليون پولي.
چوڳي ڪارڻ ڪري اُڏامُون
وڻَ وڻَ جون اورانگهي لامُون
محنت سان پيو بُکَ مٽائي
مُور نہ ڪنهن کان ڪسي ڪائي.
هڪ ڏينهن وڻ تي ڪانءَ کو آيو
روئي ڳيري کي جنهن ڀاڃايو.
"سائين! آءٌ ڏڪاريل آهيان
بکن ڏکن جو ماريل آهيان
گهرَ ۾ ٿوري جاءِ ڏيوم
ڪُجهہ ڏينهن جي لاءِ ڏيوم."
ٻُڌي ڪانوَ جي ڳالهہ ڏُکاري
ڳيري اُنَ کي ڏني دلداري
رحم ڳيري کي ڪانوَ تي آيو
ڪيس خوشيءَ سان گڏ رهايو.
هڪڙو آيو بازُ شڪاري
ڏاڙِ پهنجي جنهن ڏيکاري.
وڻَ تي وحشي چنبا ڪُپائي
هُو به ويهي رهيو ٽاڪُ بڏائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيرو ويچارو مانِ رهيو
بازَ جي آڏو کين ڪچيو.
ڪانوَ، بازَ جو ورتو پاسو
ڪيسِ ڏنائين اِهو دِلاسو:
"گيرو هِتان لڏائيندا سون.
پنهنجو گهرُ بڏائيندا سون."
اوچتو هڪڙي ڳجهه برِ آئي
بازَ اُنهيءَ سان سڪَ وڌائي.
ڳجهه بر سازش ڪرڻ لڳي
بازَ ڪانوَ کي پرڻ لڳي.
چوڳي ڪارڻ هڪ ڏينهن گيرو
جيئن چڏي ويو پنهنجو آکيرو
ڏٺهي مڪارن ٽولو ٽاهي
چڏيو گيري جو گهرڙو ٻاهي.
پنهنجو پُراڻو ٽاڪُ چڏي
گيرو ويچارو ويو لڏي.
ٻاهي گيري جو آکيرو
وٺا جَمائي ٽيئي ديرو.
پارو! دنيا ۾ ائين برِ ٽيندو آ
جيڪو سڀَ سان قُرب ڪندو آ
پيڙ جيءَ ۾ جاءِ ڏيندو آ
اُهو ويچارو قُرجي ويندو آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



نانيءَ مانيءَ مانيءَ

نانيِ ڏي نانيِ!
ڏي تون مانِي.
الف اکِ
چانهِ ۾ مَکِ
ٽي وڳي دير
ڪونهي خير
بي بلاَ
سائين هڪدم ڪلاَ
بي ٻڪري
آدم شاهَ جي ٽڪري
گهمڻَ ويندس
پڙهڻ نه ويندس.

هڪ ايڪو هڪ
ڪٽَ هيٺان ڪ
چوڪرا اچن ٽا
نانيءَ ڪان پڇن ٽا
ڪٽ هيٺان مونکي
باهر ڇڪن ٽا
ٽنگو ٽالي
ڪڏي هلن ٽا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لامُ لکڻَ
سائين نہ هَڻُ
ايندمِ سويلَ
چڏيومِ هيلَ.
ميمُ مَسُ
کين آيو مونتي
سائينءَ کي ترسُ.
ڏِنائين تڙي.
اکين منجهان پيا
گوڙها گَڙي
پي پڪو
لائي ڏنائين مون تي
لکڻَ جو سڪو.


قلمُ سليٽي
موکلَ ملٽي
دل سڙي ٽي
مارَ چو کاڏم
چوکر نچن ٽا
مون تي کلن ٽا
ڀُکندا ڀُکندا
گهر وڃن ٽا.

منهنجي من ۾
مچَ مچن ٽا.
روئندو روئندو
گهر اچان ٿو
نانيءَ پنهنجيءَ کي
چنبڙي پوان ٿو.

نانيءَ ڏي نانيءَ
کو نہ کائيندس
منجهندِ جي مانيءَ
سائينءَ ستار
ڏِني اٿمِ مار.
پنج ايکا پنجَ
نانيءَ کنيم هنجَ
نانيءَ کيم پيار
وسري ويم مار
نانيءَ ڏني چمي
پئي رهيس کٽ تي
سويلَ سمهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننگر جا جذبا



ننگر منهنجو نانءُ
او ساڻي!
ننگر منهنجو نانءُ.

ملڪ مِلي جي مانَ جي خاطر
وڃي ويندس آنءُ.
او ساڻي!
ننگر منهنجو نانءُ.

چاچن مامن هونڪي سيکاريو
ڏاڍي ڪي ڏاوڙ ڏانءُ.
او ساڻي!
ننگر منهنجو نانءُ.

دودي جهڙا جذبا منهنجا
هوشوءَ جهڙو هانءُ.
او ساڻي!
ننگر منهنجو نانءُ.

منهنجو تنهن سان ناتو ناهي
جنهن جي منَ ۾ ڪانءُ.
او ساڻي!
ننگر منهنجو نانءُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مٹرو مور پکي

مُنهنجا مِٹڑا مورَ پکي
توتاں گھوريان گھورَ پکي.

ٽرنِ برنِ ۾ ننهنجون اڏامُون
ڪارُونجهرَ تي ڪنجن شامُون
مستيءَ ۾ تون نچين جڏهن
بادل ڪن ٽا شورَ پکي.
مُنهنجا مٹڑا مورَ پکي.

هُونئن تہ دنيا ۾ پکي گھڻائي
سڀ کان ننهنجي سُونهن سوائي
سُهڻا سُهڻا ڪنيڑا ننهنجا
واہ واہ ننهنجي ٽورَ پکي.

مُنهنجا مِٹڑا مور پکي
توتان گھوريان گھور پکي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چند پشم گولو



اَن جو بيجَ
سونَ جو سجَ
ڌرتيءَ جا هاڙا
سنڌي آهن نجُ.
ڦُنهل جي پوکَ ۾
انَ جو بيج ڦُٽو
نيري نيري سمنڊ ۾
سونَ جو سجُ لٽو.
ڏينهنَ ڏُهري گهوڙي ني
لانگَ وَرائي.
چم چم نچندي
راتِ ماءُ آئي
ڳوٺَ جي هاڙن
راندِ رچائي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو سينِ جو رايو
نائڪُ رچايو.
هڪ ٽيو هاري
پيو ٽيو وڏيرو
وڏيري دهمانَ ۾
هاريءَ جي ديري تان اُٻڪ، جو هر تارو
اَنُ ڪڍايو. پارنِ جي راندِ ڏسي
اُتيل هاريءَ ڳوٺَ جي ڪِلي ٽيو ڪيرو.
هارين کي گهُرايو چانديءَ جو چندُ ويو
اُنهنِ کي سمجهايو ڪِلَ ۾ ويڙهجي.
غُلاميءَ جي نندَ مان
سيني کي جاڳايو چندُ پشمَ گولو
سيني هارينِ گڏجي هر تارو ڪندُ ڦلو
نئين سر اڏجي پارنِ کي ياد آيو
وڏيري کي ماريو. راتِ جو لولو.
ظلم جي ليڪَ کي ڏکڻِ جي ڏوليءَ ۾
رت سان ميساريو. نندَ ماءُ آئي
سچُ ٽيو سوپارو ڳوٺَ جي پارڻ
ظُلم جو مُنهن ڪارو. راند ڇڏائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦوڪڙا اڏاڻا



جوئر جُونَ مانيُون
مڪئَ جا ماڻا.

ابو امڙ پوکَ ۾
هٿن ۾ ڏاڻا.

تُون مان پاڻ ۾
دوست آهيون گهاڻا.

مُنهنجو اڏي اُيَ ۾
لَڙُ تنهنجو ڪاڻا.

ڦوڪڙا اُڏاڻا
اِجهو ڪي ڦاڻا.

ديسَ دروهين جا
ڪيڏا گاڻا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کينجهر جو راڻو

ماما مهاڻا!
کينجهر جا راڻا.

مونکي مڇي ماري ڏي
ڏس ته خالي کاري ڏي.

ڪرڙي ۾ ڪو مزو نه آهي
سينگاريءَ ۾ رکيو چاهي،
موراکيءَ کي من ٿو چاهي.
وَڃُ وَڃُ اڳتي کاڌ موراکي،
ايندي ڪونہ کاري ڏي.
مونکي مڇي ماري ڏي.

اَمڙِ تکيندي راهون هوندي
ديرِ جي ٿيندي اُلڪا ڪندي
هونکي ڏاڍا ڏڙڪا ڏيندي.
جارَ ڪنديءَ کي ڇڏي کاري
وڃ نہ هوڏل واري ڏي.
مونکي مڇي ماري ڏي،
ڏس ته خالي کاري ڏي.

ماما مهاڻا!
کينجهر جا راڻا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شعر ۽ جاگرافي



ڏيان اوهان کي ٿو سمجهاڻي
هجي چوڏاري جنهنجي پاڻي
سکو سمورو جنهن جو پيٽ
پارو ان کي سڏجي ٻيٽ.

زمين جو هڪ اهڙو حصو
هجي پري تائين جيڪو سڏو
ڪڏي جو جنهن ۾ ڪو نه نشان
ان کي چئجي ٿو ميدان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙ پڙهم ۱۱



جيڪو نينگر محنت ڪندو
پاسِ ٻِ ٽيندو جهڙ پڙ هم.

ڏِيان سان جيڪو سبق نہ پڙهيو
وسري ويندو جهڙ پڙ هم.

عِلمَ جو ڏيئو اُونداهيءَ جي
پاڙَ پَڙيندو جهڙ پڙ هم.

جيڪو چوکر ورزشِ ڪندو
بَالُ جهڏيندو جهڙ پڙ هم.

سَڏَ ڪرڻَ تي سُنو ٻالڪ
ٻوڙندو ايندو جهڙ پڙ هم.

صَدوري نينگر کيُ هر ماڻو
پيارَ ٻِ ڏيندو جهڙ پڙ هم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳل قُدرتي ا سڪاري
هڪڙو گهاٽو جهڙ چوڏاري
جنهن ۾ جانورن جو ميلو
ٻارو اُن کي ڇَنبو ٻيلو.

پٽرن جو هڪ مڙُ قدرتي
پٽرن سان گڏ ۾ پڙ جهنجي
هزار فوٽن کان مٿي اوچائي
اوچي سان گڏ هجي اَٽَلُ
ننهن کي ڇَنبو آهي جبلُ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com